# لنڊن تنهنجا ڪيڏا روپ

## طارق عالم ابڙو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# لنڊن تنهنجا ڪيڏا روپ

(سفرنامو)

طارق عالم ابڙو

نيو فيلڊس پبليڪيشنس
ٽنڊو ولي محمد، حيدرآباد سنڌ.
1991ع

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

نيو فيلڊس پبليڪيشنس جو ڪتاب نمبر هڪ سؤ چائيتاليهه

ڇپائيندڙ: نيو فيلڊس پبليڪيشنس
ٽنڊو ولي محمد، حيدرآباد سنڌ.

ڇپيندڙ: نيو فيمس پرنٽنگ پريس
هوم اسٽيڊ هال چاڙهي، حيدرآباد.

ٽائيٽل ڪمپوزيشن: طارق عالم ابڙو
ٽائيٽل ڪيلگرافي: شاهد گل
پهريون ايڊيشن: جون 1991ع

قيمت: 80/- رپيا
پڪي جلد سان: 100/- رپيا

(سڀ حق ۽ واسطا اداري جا قائم)

---

LONDON TUNHINJA KAIDA ROOP (Travelogue) written by TARIQ AALAM ABRO. Published by New Fields Publications, Tando Wali Mohammed, Hyderabad Sindh. Pakistan. First Edition June 1991. Price Per Copy Rs. 80/-

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ارپڻ:

## ادا وڏي/دارا ابڙو

نصير مرزا، نصرجان، زاهد دارا، رضيه. کي. (جيڪي بيماريءَ وارين گهڙين ۾ مون سان اڻين گڏ رهيا، جيئن آڱرين سان ننهن) ۽ پڻ سنڌ جي انهن سمورن احترام لائق مهربانن کي، جن مون کي جيئارڻ لاءِ هر محاذ تي منهنجو ڀرپور ساٿ ڏنو.

طارق عالم ابڙو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# فهرست


| | |
|---|---|
| ليکڪ پاران | طارق عالم ابڙو |
| پيش لفظ | وليرام ولڀ |
| پهرين وک | ۱۳ |
| ملوڪ، هوءَ ۽ ڊپارچر | ۱۵ |
| ڀادڻ ڏانهن سفر | ۲۷ |
| هڪ لنڊن ۾ آسمان | ۴۵ |
| ساڳيو لنڊن ساڳيو مان | ۴۹ |
| نئون دوست نئون گهر | ۸۰ |
| پنهنجي گهر ۾ پهرين رات | ۱۳۴ |
| ڪرام ويل جي ڪافي شاپ ۾ | ۱۳۸ |
| رستي ۾ مادام تساءُ | ۱۶۸ |
| چور جي فتح | ۱۸۳ |
| بلوچي | ۱۹۲ |
| وان گاگ جي پينٽنگز آڏو حاضري | ۱۹۵ |
| S.O.A.S جو ڪافي شاپ ۽ احسان ميمڻ (شهيد) | ۲۰۳ |
| ڪووينٽ گارڊن | ۲۰۸ |
| تصويرون | ۲۱۳ |
| قلم، ڏوڻي ۽ پروفيسر | ۲۲۱ |
| ٻه لڙڪ آلا | ۲۲۴ |
| سائوٿ بينڪ، فنڪارن جو پيٽ | ۲۳۱ |
| انڪشاف | ۲۴۴ |


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سوهو جي بازار ۾ ٢٤٩
تنهائي ۾ ياد ٢٥٢
رضا پٽي ان ايسٽ فنچلي ٢٥٦
ريجنٽ پارڪ ۽ چڙيا گهر ٢٥٩
اندرجيت سان ملاقات ٢٦١
ڪيو گارڊن ٢٦٥
هيري جي کولا ٢٦٧
جيڪي ڏٺو سو مون ٢٧١
نوٽ بوڪ مان ٢٧٨
پلي بڪ پرم جي ٢٨١
هندو مومن ناهيان يار ٢٨٦
هڪ خدا، ۽ مسجدون ٢٩٠
ايڻ ۾ ٽيندو آ ٢٩٢
چارلس نيپئر ڪال گرل جي روپ ۾ ٢٩٤
پي. آئي. اي جي ڊارچرسيل ۾ ٣٠١

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ناول جي صنف ڪي ڪتابن ۾ سماج جو مڪمل اولڙو ثابت ڪندڙ نهي، ڪردارن ڪي حقيقي ماڻهن سان آئڊنٽيفاءِ ڪري، هن ناول کي نہ شايع ٿيڻ جو ڪوڪتاب ڪونيو ۽ طارق عالم ڪي شدت سان ڪنڊيم ڪيو. ايتري قدر جو ڪتاب جي پبلشر (۽ ڪهاڻيڪار) ظفر حسن کي بہ نہ بخشيائون، جنهن هن ناول کي ڇپائڻ جو بار پنهنجي ڪلهن تي کنيو هو. ادب جا ماڻ ـ ماپا سماج جي ٺهيل ٺڪيل ماڻ ـ ماپن کان مختلف ۽ سگهارا ٿيندا آهن، جيڪي پنهنجي سگهہ جتائي، ادب جي جيڏدان جو انتظام ڪندا آهن. پر ولن ادب جي سرجيندڙ کي جيڏري رکڻ جي ڪا ڪيمياگري نٿي هجي.

شهرت جي اوناهين کي ڇهندڙ طارق عالم قدرت جي غيبي هٿ جو نشانو بنجي ويو. فيبروري ١٩٨٧ع ۾ هو گردن جي بيماريءَ ۾ مبتلا ٿي وڃي اسپتال ۾ پهتو ۽ زندگيءَ لاءِ واجهہ وجهڻ لڳو. زندگي ڪانئس اکيون ڇورائڻ لڳي هئي ۽ موت پنهنجون پوائنٽيون اکيون ڏيکاري ڪيس ويچارا ڏيڻ لڳو هو. انسان کي سڀ کان وڏيڪ ڀؤ موت کان ٿيندو آهي. پر طارق عالم ٽنگور وانگر سوچيو، جنهن چيو هو: ”مان موت کان آنم آهيان. مون لاءِ موت ڪا حيثيت نٿو رکي. جيئن جيئن موت جي سرحد ويجهي ٿيندي وڃي ٿي، زندگيءَ جي سيما بہ تيئن تيئن ڦهلبي وڃي ٿي. زندگي موت ۾ موجود آهي.... ڇا زندگي ۽ موت جاڙن وانگر ناهن؟“ جتي انت اچي ٿو، آتي آرنڀ بہ ٿئي ٿو. ڪنل ميوي جي روپ ۾ ظاهر ٿئي ٿو ۽ ميوو ٻج ۾ پٽرو ٿي جهنگل جي روپ ۾ ڦهلجي وڃي ٿو. ٻاڦ ڪڪر بنجي ٿي؛ مينهن ـ ڦڙا نديءَ جو ويس اختيار ڪن ٿا ۽ ندي سمنڊ ۾ ملي پنهنجو انت آڻي ٿي.

موت سان اکين ۾ اکيون وجهي ڏسڻ سان شايد زندگيءَ جي حقيقت سمجهہ ۾ اچي وڃي ٿي. سورنهن ورهين جي جوان ۽ خوبصورت گيتانجلي (١٩٦١–١٩٧٧ع)، جڏهن ايذائيندڙ ۽ ذلت

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

هيٺ لھنداسين
۽ پوءِ
ڊيڊ لائين نظر ايندي
مان توکي آخري پيرو
جيءَ ڀري ڏسندس
مان مسڪرائيندس
۽ اکيون وڏندس
۽ ڏند ۾ ڪر ني ويندس
پر
مان وري ايندس
مان موٽي ايندس.

پرديت جي ريت نڀائڻ
عمر جي آخري حد تائين
تنھنجو ساٿ ڏيڻ
وفا جي هر رات
محبت جو هر قسم پورو ڪرڻ
مان وري ايندس
مان موٽي ايندس

منھنجو انتظار ڪجان
دروازو بند نہ ڪجان
دريءَ ني رکيل ڏيئي کي ضرور ٻارجان
منھنجي ڪتابن تي دز چڙهڻ نہ ڏجان
تنھنجي تصوير ۾ رنگ ڀرڻ
تنھنجي اميد جو ويساهہ ٻڌجي
مان ضرور ايندس
مان موٽي ايندس.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

نڪوس ڪزانتزاڪس ڪٿي لکيو آهي: ”ماڻهو ڪڏهن به پنهنجي روح جي ڪنارن جي آسپاس کان اڳيرو سفر نٿو ڪري. يا ائين ڪٿي چئجي ته هو سڀ کان بهتر طور تي پنهنجي من اندرئي سفر ڪري ٿو. هُو جتان لنگهي ٿو، آن کي پنهنجي ملڪ جي صورت ۾ تخليق ڪري ٿو ۽ بيشڪ پنهنجي عڪس ۾ تخليق ڪري ٿو.“

طارق عالم لنڊن ۾ هوندي، لنڊن کي پرپرو بڻجي ڏسي ٿو، پر دردوندي ۽ جي ديس — پنهنجي ڌرتي، ڌرتي واسين، دوستن، امڙ، ابي ۽ جيون ساٿياڻي — کي پنهنجي دل کان پري نٿو ڪري. هو پنهنجو اندر آپٽي رکي ٿو ۽ ٻئي کان به آهائي توقع رکي ٿو. بلڪل اسڪاٽلنڊ جي هڪ فڪر شاعر وانگر، جنهن پنهنجي عام ٻوليءَ ۾ خدا کي ٻاڏايو هو ته توڻ اسان کي اهڙي سگهه ڏي ته اسان پنهنجو پاڻ کي اهڙي طرح ڏسي سگهون، جهڙي طرح ٻيا اسان کي ڏسن ٿا:

O Wad some pow'r the giftie gie us
To see oursel's as ithers see us.

پر ٻيا اسان کي ڪيئن ڏسن ٿا، اها ڄاڻ جي سگهه اسان کي تڏهن ملي سگهي ٿي، جڏهن اسان پنهنجو پاڻ کي ڏسڻ جو فڪر ڪنداسين- هن سفرنامي ۾ طارق وانگر.

حيدرآباد سنڌ.
٢ جولاءِ، ١٩٩١ع

ولي رام ولڀ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پوڻين ستين وڳي پاڻي بينا جي پچايل گرم گرم نيرن ڪري بيدل ڪان موڪلايوسين ۽ جانيءَ جي ڪار شاهراهه فيصل ڏانهن ڊوڙڻ بجاءِ ”ملڻ لڳي، جاني پنهنجي چمار ڪان وڌيڪ ميچور آهي. تنهن ڪري ڪار کي ڊوڙائڻ بجاءِ، وهي گذاريل ماڻهو جان هلائيندو آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

چوڻ مطابق هاڻ ٽنڊي ڄام ۾ ليڪچرار آهي. ڪيس چيم ”الطاف شيخ ڪي ته سنڌس لکڻين جي حوالي سان تمام گهڻو سڃاڻان، پر سنڌس پاڻ سان ڪڏهن ملاقات نه ٿي اٿم.“ هو صاحب P.I.A ۾ انجنيئر هو. جهاز جون انجڻيون ٺاهڻ وارو نه، پر آرڪيٽيڪٽ وارو انجنيئر. ۽ هاڻ به P.I.A جي خرچ تي لنڊن جي هيٿرو جي ٽرمينل نمبر ٣ تي ڪيس P I A لاءِ ڪا آفيس ٺاهڻ لاءِ لنڊن سڏايو ويو هو. پاڻ اصل بهاولپور جو هو. ڏاڍو پيار ڪرڻ وارو ۽ همدرد هو. ٻارنهن سالن کان پوءِ لنڊن پئي هليو. هن پڏايو ته سنڌس سيٽ اصل ۾ سهڻي ڪلاس ۾ آهي، جنهن تي سنڌس پٽ ويٺل آهي، ۽ پاڻ پٽ جي سيٽ تي اچي ويٺو آهي. جهاز سوا ڏهين وڳي چُرڻ شروع ڪيو. ايئرهوسٽس پنهنجي مخصوص آواز ۾ جيڪو گلي سان گهٽ ۽ نڪ کان وڌيڪ اينڊڙ محسوس ٿيندو آهي، تنهن سان پهريون ڪا قرآني آيت پڙهي. تنهن کان پوءِ سيٽ جي پٺ کي سڌو ڪرڻ ۽ سيٽ بيلٽ ٻڌڻ جي تلقين ڪئي. سنڌس اهڙي تلقين سان هڪ ٻي ايئرهوسٽس اشارن جي زبان وارو ناٽڪ جهاز ۾ شروع ڪري ڇڏيو. اهو ناٽڪ جهاز جي اڏامڻ کان اڳ ۾ پيش ڪيو ويندو آهي، جنهن ۾ ايئرهوسٽس سيٽ بيلٽ بند ڪرڻ ۽ کولڻ، جيڪڏهن ڪٿي آڪسيجن گهٽجي وڃي ته آڪسيجن ماسڪ نڪ تي رکڻ ۽ اوچتو پيش آيل حادثي ۾ ايمرجنسي ٻور جي نشاندهي ڪندي آهي. اهڙو ناٽڪ جڏهن به شروع ٿيندو آهي ته مان ڪوشش ڪري نه ڏسڻ چاهيندو آهيان، ڇو ته اهو سڀ ڏسي، سمجهڻ کان وڌيڪ کلڻ تي دل چاهيندي آهي. جهاز تقريبن ڏهه منٽ نه ڪٽندڙ رن وي تي وک وک هلندو رهيو. مان دريءَ کان ٻاهر رن وي جي پاسن تي ڪچي ۾ ڦٽي آيل گوگن ويلا جي اڇن ۽ ڳاڙهن ڪاغذي گلن کي ڏسندو رهيس، پريان نئين ٺهندڙ ايئرپورٽ جي اڌوري عمارت ۽ رن وي تي ڪم ڪندڙ مزدورن کي ڏسندو رهيس، جهاز هڪ شاهي موڙ کڻڻ کان پوءِ پنهنجيون جيٽ انجڻيون کولي ڇڏيون، رن وي ڏانهن نهاريم، جنهن تي

جي ميرانجهڙا نظر اچڻ لڳا. جهاز کنهن ٻڪڻي وچوڙي ڪان پوءِ بيهر ملنڊڙ عاشق جيان ڌرتيءَ مٿان جهڪندو ويو، جهڪندو ويو، ۽ سندس پوئين ڦيٿن ڌرتيءَ جي ڊاڪن تي پنهنجا هٿ ڦهلائي ڇڏيا. هلڪو ڌهڪ جهڙات ٿيو پوءِ ڏسندي ڏسندي جهاز پنهنجي اکين ڦوٽي جي ٻڪڻي ڇمي ڌرتيءَ جي ڇڙن تي رکي ڇڏي ۽ هڪ ٽڪي ڊوڙ ڪان پوءِ جهاز جون سموريون انجڻيون سانت ۾ ويون. سون کي مخصوص ٿيو جڏهن جهاز پنهنجا سمورا ٺڪ ٻچي، گهڙي تند سنڌي رکيو هجي.


Scanned with CamScanner

ويڪري شيشي واري دريءَ آڏو بيهي، ’ڪرام ويل روڊ‘ تان بي آواز
ڊوڙندڙ ٽريفڪ جي نه ختم ٿيندڙ سلسلي کي ڏسندي، ڪنهن سوچ
۾ گم ٿي ويو هو. سندس خيال مطابق لاءِ روڊ جو نالو ٻڌايو هومانس،
۽ اهو به ته جيڪڏهن هي روڊ سڌو ڏيئي وڃبو ته وڃي ’هائيڊ پارڪ
ڪارنر‘ تي پهچبو ۽ پوءِ ڪيس هائيڊ پارڪ ۽ ٻين تفريح گاهن جي
باري ۾ ٻڌائڻ لڳو هوس. جلباڻي صاحب بظاهر منهنجيون ڳالهيون
ٻڌندو رهيو هو، پر سندس ڌيان ايمبيسيءَ ڏانهن هو. اسان چانهه
پي ايمبيسي هليا ويا هئاسين. پاڪستان ايمبيسي، نائيٽس برج جي
علائقي ۾ رائل هوٽل (جيڪو ريڊ اينڊ وائيٽ جي اشتهار ۾
به ڏيکاريندا آهن) جي ڀرسان آهي. ادو هدايت (هدايت آخوند) ان
هوٽل کي نديڙي حبيب بئنڪ پلازه سڏيندو هو، ڇو ته سندس نمونو
بالڪل ڪراچيءَ واري حبيب بئنڪ پلازه جهڙو آهي. مان ۽
جلباڻي صاحب، لنڊن جي هر وقت ڇُپ ڇُپ روئيندڙ آسمان جي
سنهڙن سنهڙن لڙڪن ۾ پُسندا ايمبيسي هليا ويا هئاسين. پاڪستان
ايمبيسي لنڊن ۾ ضرور آهي، پر سندس ڪم ڪار جو طريقو ساڳيو
پاڪستاني آفيسن وارو آهي. ڪائونٽر ۾ اندر گهڙڻ سان اوهان کي
بيزار چهرن ڏسڻ کان سواءِ ڪجهه به نه ملندو. ۽ اوهانجن ڪنن کي
کهرن آوازن سان آشنائي ٿيندي. هيڏي ساري ايمبيسي آفيس ۾
ڪو هيڪڙ ٻيڪڙ ماڻهو اوهان کي مرڪي ملڻ وارو ملندو. جلباڻي
صاحب پنهنجي پهچڻ جي رپورٽ ڪئي، ۽ آفيشل لکت پڙهت کان
پوءِ اسان ٻيهر لنڊن جي مدهوش ڪندڙ رومانٽڪ آزاد فضا ۾ پاڻ
کي ميرانجهڙي آسمان ۾ آڏامندڙ بادلن جان هلڪو ڦلڪو محسوس
ڪرڻ لڳا هئاسين. ان ڏينهن مان ۽ جلباڻي صاحب ون - ڊي ٽريول
ڪارڊ جو صحيح استعمال ڪندي، ويسٽ منسٽر برج، سينٽ جيمس
پارڪ، پڪڊلي، هائيڊ پارڪ، بڪنگهم پيلس گهميا هئاسين. شام جو
هوربس جي سامهون واري ”ڪنٽڪي“ جي بي مثال چڪن برگر،
فرنچ فرائز ۽ پيپسي ڪولا جو مزو ماڻي، فليٽ تي موٽي آيا هئاسون.
۽ ٿڪجي سمهي رهيا هئاسين. اڌ رات جو اوچتو منهنجي اک کلي

ڪوٽ جي اندرين ڪيسي ۾ رکي صرف مرڪڻ لڳو. اسان هوٽل ۾ پهچي پنهنجن گرم ڪمرن ۾ اچي، اچن اجرن بلينڪٽس، چادرن ۽ پلنگ جي نرم گاديلن ۾ سينڊوچ ٿي سمهي رهياسين. مسافريءَ جو شديد ٿڪ، اسان جي حواسن تي ڇپ جيان ڇانئجڻ لڳو. ديوار ۾ ٻرندڙ فانوس جي بتيءَ کي هانهن ڏکيري آف ڪيم ته ڪمري ۾ اوندهه جي ٻوڏ ڪاهي پئي، جيڪا مون کي لوڙهي وئي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جنهن شادي ڪرڻ کان اڳ مون کي پڇڻ نه ڏنو هو. تو کان اڳ مون جنهن کي چاهيو هو، تنهن کي ضرور پڇهو هو. ۽ جيڪڏهن تون مون کي شاديءَ کان اڳ پڇڻ ڏين ها، ته مون کي 'ٿيمس' جي لڙائيل لهرن جو قسم، مان تو کي هن انگريز ڇوڪريءَ کي ملڻ چميءَ کان پندرنهن سيڪنڊ مٿي ئي ڏيان ها، پر گهٽ نه." رضيه، منهنجي ڳالهه تي شرمائڻ بجاءِ ٺهڪ ڏيئي کلي پئي هئي. ڇو ته هوءَ منهنجين اهڙين ڳالهين ٻڌڻ جي عادي ٿي چڪي آهي.

ٽيوب هلڪي جهٽڪي سان بيٺي. شيشن مان انڊرگرائونڊ جو نالو پڙهيم، 'ڪليپمپ ڪامن' جنهن کي مان هميشه 'ڪليمپ ڪامن' پڙهندو هوس ۽ ادو هدايت آخوند منهنجي 'ڪليمپ' چوڻ تي ٺهڪ ڏيئي ٻارن جيان تصحيح ڪري چوندو هو: ""ڪليمپ" ناهي ادا، اهو ڪلپمپ اٿئي." پر پوءِ به مان ان کي ڪليمپ ئي چوندو ۽ پڙهندو رهيس. اهڙي طرح مان 'سينٽ جيمس پارڪ' کي جيڪو انگريزي ۾ S.T. James لکيل هوندو هو، تنهن کي ايس- ٽي جيمس پارڪ، ۽ ساڳي طرح سينٽ سائيڪل کي به- ايس- ٽي- سائيڪل چوندو هوس ۽ هڪ ٻي اسٽيشن 'ايڪٽن ٽائون' کي ايڪشن ٽائون سڏيندو هوس جنهن جي تصحيح به ادو هدايت هميشه ڪندو رهيو. پر مان ادي هدايت کي اهو چئي ماٺ ڪرائڻ جي ڪوشش ڪندو هوس ته، نه- اها ايڪٽن ناهي ايڪشن آهي. هڪ ڀيري حسب عادت، سڄو شهر رلي رضيه ۽ مان، ادي هدايت وٽ 'ڪناٽ هال' وياسين ۽ کيس ٻڌايوسين ته اڄ اسان لنڊن ۾ 'پڊعيدن' گهمي آيا آهيون. ادو هدايت ڏاڍو کليو هو ٺهڪ ڏنا هئائين. چيو هئائين: "لنڊن ۾ وري 'پڊعيدن' ڪاڏانهن اچي وئي. پڊعيدن ته حيدرآباد کان خيرپور ويندي، ايندي آهي....!؟"

اسان سائس ضد ڪيو ته نه 'پڊعيدن' لنڊن ۾ به آهي. ادي هدايت مون کي اسپيلنگ لکي ڏيڻ لاءِ چيو هو- مون کيس لکي ڏنو 'Paddington'. ادو هدايت اسپيلنگ پڙهي ٺهڪ ڏئي چوڻ لڳو: "هي 'پڊعيدن' نه 'پيڊنگٽن' آهي." چيو هوسانس: "انگريز

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

نگاهه هٽائي هڪ ٻي ڏانهن نهاري ارمان ڀريو ٿڌو ساهه کنيو هو ۽ جيڏي اسپيڊ سان ڀڄندا هئاسين، اوڏي ڊرائيءَ سان واپس موٽي لڳا هئاسين، ته منهنجي نگاهه هڪ گهر جي کليل دريءَ جي ڪارنس مٿان ويٺل نيور ڪاري ٻليءَ تي پئي هئي جيڪا پنهنجي ڳهاٽن ٻچن واري پڇ سميت دريءَ تي رکيل ڪونڊيءَ ۾ ڪڙيل سهڻن گلن کي ڏسي، ٿاهه واري جي مهانتا کي من ئي من ۾ ساراهي رهي هئي شايد.

واچ ۾ ٽائيم ڏٺم، ڏهه. ان جي معنيٰ ته غزال جي دوڪان تي پهچڻ ۾ اجهان ڪلاڪ پيو آهي....؟ ڪلاڪ ڪيئن گذارڻ لاءِ 'نيانا روڊ' جي فوٽ پاٿ جي پرسان قطارن ۾ بيٺل مختلف ڪارن جا ماڊل ڏسندو، مزي مزي سان هلڻ لڳس. 'پيجوٽ' 'هنڊا ڪارڊ' ٽربو، والوو، مرسيڊيز B.M.W، عجيب عجيب قد ڪاٺ واريون گاڏيون. ڪي بابرا شريف جهڙيون بندريون ۽ گليمرس ته ڪي انجمن جهڙيون ڊگهيون ۽ ٻيڊوليون، ڪي نيلي جهڙيون سلم ۽ سهڻيون، ته ڪي تمنا جهڙيون ترا ڪڙيون.

چوڻ وارا چون ٿا ته هت گاڏي وٺڻ سستي آهي پر پالڻ ڏاڍي مهانگي آهي. ٽرانسپورٽ جو انتظام اعليٰ هئڻ سبب ڪارن وارا، ڪارون هوندي سوندي ٽيوب ۽ بسن ۾ سفر ڪندا آهن. جلدي ۽ ٽائيم تي پهچڻ لاءِ ٽيوب کان وڌيڪ ٻي ڪا به اعليٰ سواري ناهي. هتي جڳهه گهٽ هئڻ سبب هرڪو پنهنجي گاڏي پنهنجي گهر آڏو بيهاريندو آهي، تنهنڪري هرگهٽيءَ ۾ فوٽ پاٿ سان گڏ گاڏين جي هڪ ڊگهي زنجير نظر ايندي آهي. جيترا گهر اوتريون گاڏيون.

'نيانا روڊ' تان لهي مين روڊ تي اچي 'ٽولنگ بيڪ' کان 'ٽوٽنگ براڊوي' ڏانهن پنڌ ئي پنڌ هلڻ شروع ڪيم. هر وقت وسڻ لاءِ تيار آڪاس جي پوڙهي ٻڪ جي وٽين مان برسات ڦڙا ڇڏائي وسڻ لڳي. مان پنهنجي منهن ڳائڻ لڳس: "بوند برهه جي بهار لڳي، دردوندي جو ديس وسي پيو." ۽ ڳائيندي ڳائيندي منهنجي اکين جي آڪاس تان لڙڪ بي قابو ٿي وهڻ لڳا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

رهڻ ڪري جسم جي ان حصي تي ننڍڙو سوراخ ٺهجي چڪو هو، جتان نلڪي نڪرڻ شرط پيشاب ڏري پيل دلي مان ٽيپو ٽيپو ٿي ٻاهر وانگر ڳڙي منهنجا ڪپڙا خراب ڪرڻ لڳو هو. منهنجي سرجن، منهنجي ان سوراخ مٿان هڪ اهڙي 'يورين بيگ' چنبڙائي ڇڏي هئي. جنهن ۾ وهندڙ پيشاب ته جمع ٿيڻ لڳو پر ڪوڏا ٻوڙي ويهڻ مولاءِ ناممڪن ٿي پيو هو. جڏهن به ڪوڏا موڙي ويهڻ چاهيو هوم ته اها يورين بيگ منهنجي جسم تان اکڙي ويئي هئي ۽ نتيجي ۾ منهنجي پينٽ سڄي خراب ٿي وئي هئي. بس ان عذاب کان بچڻ لاءِ سدائين صوفا، ڪرسيءَ ۽ ٽيڪسي جي سيٽ تي ويهڻ کان گهبرائيندو هوس. ۽ گهمندي ڦرندي پنجن ڇهن ڪلاڪن کانپوءِ اها يورين بيگ جڏهن پرجي ويندي هئي ته مون کي هلڻ ۽ ويهڻ ۾ ڏاڍي ڏکيائي ٿيندي هئي. هلڻ وقت منهنجو ساڄو هٿ هميشه پينٽ جي ساڄي کيسي منجهان ان ٿيلهيءَ مٿان ڇهٽيل حصي تي پوري سگهه سان ڪتل هوندو هو. اڪثر ٻپ هوندو هوم ته ڪٿي پريل يورين بيگ، هلڻ سان لوڏن تي ڇلڪي اکڙي نه وڃي ۽ منهنجا ڪپڙا نه خراب ٿي وڃن. جڏهن به ان ٿيلهيءَ سان ڪار ۾، صوفا تي يا ڪرسيءَ مٿان ويهندو هوس ته باوجود پينٽ جي کيسي منجهان هٿ ٿيلهيءَ تي ڦهيل هجڻ جي، ڪٿان نه ڪٿان اکڙي ويندي هئي، نتيجي ۾ منهنجا سمورا ڪپڙا خراب ٿي ويندا هئا. اها ٿيلهي جيسين ٿائين منهنجي جسم سان ڇهٽيل رهي، ذهني عذاب جي انتها تي رهيس. ان ٿيلهيءَ سبب ئي حفاظت صاحب جي گهر ۾ هميشه ڊائيننگ ٽيبل تي ڪرسي هوندي به ٻيهي ماني کائيندو هوس.

حفاظت صاحب مون کان ٻيهڻ جو سبب پڇيو هو جنهن لاءِ ڪيس واضح لفظن ۾ ٻڌايو هوم، پر اها حقيقت ڪيس منهنجو وهم محسوس ٿيندي هئي. بهرحال، اوهان کي ٻڌايم پئي ته حفاظت صاحب هڪ رات اسان کي سمجهايو ته روزانه ٽيڪسي ۾ آئوٽ پيڪ ڪري، نه فقط اسان پائونڊ وڃائي رهيا آهيون. بلڪ وطن رهڻ جي مقصد کي به ضايع ڪري رهيا آهيون. چوته اسان روز اوٽ موٽ جا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

”اچو سائين اچو اسان تہ شروع ڪري ويا آهيون.“

تڏهن مون کي ياد آيو تہ ڪالهہ رات، منگي صاحب مون کي الوداع ڪندي رات جي ماني ۽ جي دعوت ڏني هئي. ۽ انهي ۽ انتظار ۾ ستين وڳي وارو ڊنر رات جو ساڍي اٺين وڳي ڪري رهيو هو. وڏي وچي معذرت ڪيم. ڪيس ٻڌايم تہ مان ڪمري جي پريشاني هئڻ سبب سائس ڪيل وعدي مطابق پهچي نہ سگهيس. نڪڙ هئڻ ڪري ڪانئس اتان ئي موڪلائي وري ملڻ جو وعدو ڪري وڪٽوريا جي پليٽ فارم نمبر ٩ تان ٽرين پڪڙي ’ٽرنٽن هيٿ‘ پنهنجي گهر هليو آيس.

"وڪٽوريا."
"گرين پارڪ."
"ارلس ڪورٽ."
ارلس ڪورٽ.
گرين پارڪ.
وڪٽوريا.
ٽرنڪن هيمٽ.

۽ اهائي لنڊنرس جي زندگي آهي. پري ڪان پرستان جهڙي ويجهي ڪان جادوءَ ذريعي بوتل ۾ قيد شهزادي جهڙي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

١٧٩١ع ۾ ڊاڪٽر ڪريٽس پنهنجي گهوٽ واري گهر ۾ (جيڪو هڪ درياهه جي ڪناري هو) گذاري ويو ۽ پنهنجي سڄي جائداد جو مالڪ ميري/مادام تساڊو کي ڪري ويو.

هڪ سال کانپوءِ مادام تساڊو Farcis Tussaud سان شادي رچائي، جيڪو هڪ سول انجنيئر هو. ١٨٠٠ع تائين هن هڪ ڌيءَ ۽ ٻن پٽن کي جنم ڏنو. ڌيءَ ته گذاري ويئي پر پٽ جوان ٿيس. ١٨٠٢ع ۾ مادام انگلينڊ اچڻ جو ارادو ڪيو. انگلينڊ اچڻ کانپوءِ هن ڪڏهن به نه پنهنجي مڙس سان ملاقات ڪئي، نه فرانس وئي.

١٨٣٥ع ۾ جڏهن ٧٤ ورهين جي ٿي ته هن سفر ڪرڻ ڇڏي ڏنو ۽ لنڊن ۾ اچي بيڪر اسٽريٽ تي پنهنجي نمائش لڳائي. مادام تساڊو ١٨٥٨ع ۾ ٨٩ سالن جي ڄمار ۾ گذاري وئي.

'مادام تساڊو ميوزم' ٽن طبقن ۾ ورهايل آهي. فرسٽ، سيڪنڊ بيسمنٽ ۽ گرائونڊ.

۾ لفٽون گرائونڊ فلور کان سيڪنڊ فلور تي ڪٽي ويندڙيون آهن. لفٽ مان نڪرڻ شرط کاٻي طرف مڙبو آهي ته هڪ هال ايندو آهي، جنهن جو عنوان آهي 'The Tableaux'

'ٽيبليڪس' مجسمي سازيءَ جو روايتي طريقو آهي، جنهن ۾ مشهور تاريخي واقعن کي مجسمن جو روپ ڏنو ويو آهي. جنهن جو ڪم ١٩٧٩ع ۾ شروع ڪيو ويو هو. ان حصي ۾ 'ميري ڪوئين آف اسڪاٽ' ۽ 'گائي فوڪس' جهڙا تاريخي واقعات مجسمن جي صورت ۾ جوڙيا ويا آهن.

انهيءَ هال ۾ 'سليپنگ بيوٽي' جو مجسمو به رکيل آهي. جنهن کي ١٧٦٥ع ۾ جوڙيو ويو هو، جيڪو مادام تساڊو جو سڀ کان پراڻو مجسمو آهي. مالڪن جو چوڻ آهي ته ان مجسمي جي اندر ساهه کڻڻ وارو عمل ١٨٣٧ع ۾ شروع ڪيو ويو، جيڪو پهرين ڪلاڪ ورڪ ميڪينزم تي هو، ۽ هاڻي اليڪٽرڪ تي آهي. ۽ ساهه کڻڻ جو اهو عمل اڄ به وزيٽرس لاءِ دلڪشي جو وڏو سبب بڻيل آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

”سور نہ ٿئي ٿو؟“
”نہ.“ انڪار ڪيم.

هن مون کي اٿڻ لاءِ چيو ۽ 'B.P' 'اپرٽس' سان بلڊ پريشر چيڪ ڪري چوڻ لڳو: ”ويري گڊ، نو پرابلم.“

اسان ٻيهر آمهون سامهون اچي ويهي رهياسين. هن مونکي ميني پريس ڪاٺ ڪان روڪي ڇڏيو ۽ منهنجي 'سنڊيميون' جو ٻوز گهٽائي 'پوائنٽ فائيو' ڪري ڇڏيائين ۽ مختلف ٽيسٽ ۽ ايڪسري لکي ڏيندي چيائين: ”تو جيڪي مسئلا ٻڌايا، انهن مان نوانوي سيڪڙو دوائن جو اثر آهي. باقي ڪمزوري لاءِ مان توکي ھي ٽيبليٽس لکي ڏيان ٿو. مهينو کاءُ ٺيڪ ٿي ويندين. مان 'پرسڪرپشن' ۽ 'ٽيسٽ سلپ' کڻي ڪائنس موڪلايو. هُن اٿي وڌي مون لاءِ در کوليو. مان سڌس سيڪريٽريءَ کان 'اٿمس' جا پتا ڪُرا پڇي، در کان ٻاهر نڪري، ڏاڪو هيٺ لهڻ لڳس.

Soorih Mirani

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

قطار ۾ ايتري دير نہ بيهاري ها. وقت نہ وڃاءِ. بس تون پنهنجو فرض پورو ڪيو. هاڻ جيڪڏهن 'سيلف ريجز' وارن جا ٿي نصيب قتل آهن تہ تنهنجو ڪهڙو ڏوهہ ...؟"

مان ڪارڊ هٿ ۾ لوڏيندو قطار مان نڪري واپس ڪارڊ سيڪشن ۾ اچي ويس. ڪن لاءِ بيهي ڇت ۾ لڳل ڪيمرائن جو جائزو ورتم ۽ پوءِ هڪ بيو ڪارڊ بہ کڻي سيلف ريجز جي مختلف شعبن تي رکيل شين کي ڇاڇيندو ساڄي هٿ ۾ جهليل ڪارڊن کي هوريان هوريان جيڪٽ جي ويڪري ڪف مان اندر ڪري آستين ۾ غائب ڪري ڇڏيم ۽ ڪنمڻ جي شاپ تان ٽن پائونڊن جا مختلف چاڪليٽ ۽ ٽافيون وٺي سيلف ريجز جي پرنٽڊ لفافي ۾ وجهرائي بل وٺي اڳتي وڌندي ڪارڊ بہ آستين مان ڪڍي چپ چاپ ڪنمڻ جي لفافي ۾ رکي ڇڏيم ۽ پوءِ آڪسفورڊ اسٽريٽ جي رومانٽڪ ۽ ڪلهاڪس واري ماحول ۾ پنهنجن ڪلهن کي نازڪ نفيس ڪلهن ڪان بچائيندو 'بلوچي' ڏانهن وڌڻ لڳس.

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

صاحب خان "سورهہ" ميراڻي - نئون ديرو

Cell No: 0344 - 3919786

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

چيم: ”سائين مان طارق آهيان.“

بلوچ صاحب جي چهري تي سرهائي تري آئي: ”ها، طارق عالم ابڙو....؟ پر يار تون ته صفا بدلجي ويو آهين....؟ پهريان ڪان صحت مند به لڳين ٿو.“

۽ پوءِ منهنجي صحت جي حال احوال کان سنڌ جي صورتحال، ڄام صادق علي جي وزارت ۽ بينظير جي سياست تائين جون پڇائون ڪري ورتائين. ان دوران مسلسل چانهه لاءِ پڻ زور ڀريندو رهيو پر مون کي سنڌس دڪان تي بيهي چانهه پيئڻ مناسب نه ٿي لڳو. مٿان ادي هدايت جي پراڻي هاسٽل گهمڻ جو شوق به ڪنيو بيٺو هو، جتي هاڻ سنڌ يونيورسٽي جو استاد ’مهتاب شاهه‘ صاحب رهيل هو. سو ڪائنس ڪان موڪلايم. بلوچ صاحب ٻيهر اچڻ جي تاڪيد ڪندي اجازت ڏني.

مان بلوچي مان ٻاهر نڪري ”لونيئم ڪورٽ“ ڏانهن هلڻ لڳس.

# وان گاگ جي پينٽنگز آڏو حاضري

مهتاب شاهه جا پورا ويهه منٽ سنڌس هاسٽل جي لائونج ۾ انتظار ڪيو هوم، پر هن اچڻ جو نالو ئي نه پئي ورتو. مناسب ائين سمجهيو هوم ته سنڌس تالي لڳل در تي پنهنجو وزيٽنگ ڪارڊ اٽڪائي گهر هليو وڃان. سو وزيٽنگ ڪارڊ در ۾ اٽڪائي گهر موٽي آيو هوم.

رات جو پنهنجي ڪمري ۾ بند ٿي سيڪنڊ هينڊ خريد ڪيل گٽار کي يڪتاري وانگر پڪڙي ڇهن تارن تي هٿ هڻي، اياز جي وائي آلاپيندو رهيو هوم ۽ جڏهن دماغ ڏَوَڻ لڳو هو ته گٽار کي رکي بتي اجهائي سمهي رهيو هوس.

صبح جو پرنسس گريس اچي 'ڊاڪٽر ريڪڊ' سان مليس. هن مون کي ڏسي هميشه جيان رڙ ڪئي:

"هيلو گريٽ بريوءِ گائي." ۽ اچي پنهنجي ٽيبل ٽينس جي ريڪٽ جيڏي هٿ ۾ منهنجي پنگ پانگ جهڙي هٿ کي جهلي لوڏي حال احوال پڇڻ لڳو. ڪيس 'سرجن ڪاسٽرو' جو هُن لاءِ ڏنل اپائنٽمينٽ ڪارڊ ڏنم. 'ريڪڊ' مون کي ڪپڙن چينج ڪرڻ جو چئي ذري گهٽ ڀوڙندو ايڪسري روم ۾ هليو ويو. جڏهن مان ڊريس تبديل ڪري ورتي ته هڪ جاپاني نرس مون کي ايڪسري روم ۾ وٺي وئي.

ڊاڪٽر ريڪڊ الٽرا سائونڊ مشين سان منهنجي گردي جو چيڪ اپ ڪيو، جنهن کي آپريٽ هڪ ٻئين ڊاڪٽر ڪري رهي هئي. هوءَ منهنجي نهائين تي مشين جو مائيڪ جهڙو اوزار گهمائي مختلف ٻٽڻ دٻائي مشين جي اسڪرين تي نظر ايندڙ منهنجي گردي جي باري ۾ ڊاڪٽر ريڪڊ کي سمجهائڻ لڳي. هن جديد الٽرا سائونڊ مشين ۾ هڪ ٻئين ڳالهه، اها هئي ته مشين گردي ۾ گردش ڪندڙ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

اپريشننزم جو باني بڻجي ويو.

مان جڏهن سنڊس لينڊ اسڪيپ ۾ ڏسندو آهيان ته سنڊس اضطراب ۾ ڪئنواس مٿان هنيل برش جي اسٽروڪ مان پيلي ڳاهه ۾ ايڏي ته چرپر محسوس ٿيندي اٿم ڄڻ آهو هوا تي لڏي رهيو هجي. 'سن فلاور' واري اسٽل لائيف پينٽنگ تي سنڊس ڪيل صحيح مون کي ڏاڍي وڻندي آهي. اها وان گاگ جي واحد اهڙي پينٽنگ آهي جنهن تي هن صحيح ڪئي آهي ۽ جيڪا هن بيحد اڪيرمان پنهنجي دوست ۽ مصور 'پال گوگان' جي لاءِ انهن ڏينهن ۾ ٺاهي هئي جڏهن هو سنڊس گهر ۾ مهمان ٿي اچي رهڻ وارو هيو.

ان ساڳي ئي ڪمري ۾ وان گاگ جي سامهون واري پٽ مٿان 'ڪيوبزم' جي باني 'پڪاسو' جون پينٽنگز لڳل آهن. جنهن ۾ سنڊس مشهور پينٽنگ (فروٽ ڊش، ٻاٽل اينڊ وائلن) ۽ (اي - چائلڊ وٿ اي ڊائو) به لڳل آهن هميشه جيان انهن ٻنهي مصورن جي پينٽنگز کي ڏسندي مان سڀڪجهه وساري ويٺم. خبر ناهي ڇو مان هنن مصورن جي پينٽنگز کي ڏسندي ٻلڪل مختلف ٿي ويندو آهيان، ڪنهن آسماني طاقت وانگر.

'وان گاگ' ۽ 'پڪاسو' جي شاهڪارن کي ڏسي مان سمورا هال لتاڙيندو، هزارن ناميارن 'يورپين' ۽ 'ڊچ' آرٽسٽن جي پينٽنگ تان نگاهون ترڪائيندو 'ريم برانڊ' ۽ 'مائيڪل اينجلو' جي پينٽنگز آڏو اچي بيٺم. مون کي 'ريم برانڊ' جي پينٽنگز مان 'اي' وومن باٿنگ ان اسٽريم' ڏاڍي وڻندي آهي، جنهن ۾ هڪ معصوم صورت واري عورت نفيس آف وائيٽ گائون کي مٿي ڪري پنيءَ تائين پاڻيءَ جي تالاب ۾ بيٺل آهي. ان پينٽنگ جو ڪمال اهو آهي ته عورت جي چپن تي جيڪا مرڪ وکريل آهي ان ۾ بلڪل اهڙو ئي تاثر آهي جهڙو پاڻيءَ جي وچ ۾ بيٺل انسان جي چهري تي، ٿڌڪار سبب پيدا ٿي سگهي ٿو.

ساڳي ريت مائيڪل اينجلو جي سينيما اسڪوپ پينٽنگز (جن کي آئن، ڏهن فوٽن جي فاصلي کان بيهي ڏسڻ ڪانسواءِ مڪمل

چنبا جڏهن منهنجي وجود ۾ ڪتڪتايون ڪيڻ، سرڪ کي ٿهڪن ۾ بدلائڻ لڳا، تہ مان اڻ مٽي خوشيءَ ۾ پرجي زور سان رڙ ڪئي ۽ ترڻ تي جهليل آنَ فرش تي ڦٽي ڪري ٻانهن کي هوائن ۾ هلائڻ لڳس. سمورا ڪبوتر ڦڙڪا ڏيندا هوائن ۾ هيڏانهن اڏام ڪندا پين آنَ جهلي بيٺل، ڪبوترن ۾ گهريل ساٿين ڏانهن روانا ٿي ويا.

پنهنجي منهن ٿهڪ ڏيندو ’ٽرافلگر اسڪوائر‘ جون ڏاڪڻيون چڙهي سوچڻ لڳس... ’هاڻ سون کي ڪاڏي وڃڻ گهرجي—؟ بڪنگهم پيلس—؟ بگ بين—؟ يا پڪڊلي سرڪس—؟‘ چو تہ اهي ٽيئي هتان بلڪل ويجها هئا.

جهوليندا آهن. جيئن سنڌ ۾ موتيائي آزاديءَ سان جهولي سگهندا آهن ۽ شيخ اياز جا نيڻ ان ڏيک کي ڏسي چوندا آهن. ’جهول هوا ۾ جهول موتيا.‘ پرهتي نوجوان جوڙا آزاديءَ سان چيلهن ۾ ٻک وجهي موتيئي جيان جهوليندا رهندا آهن. روڊن تي مارڪيٽن ۾، باغن ۾، ۽ اهڙن ئي ڏيکن کي ڏسي اسان جهڙن جي نيڻن جي آڪاس تي پنهنجي ديس جي ڪنهن ڳوٺ سان سڄ لٿي مهل موٽندڙ مال جي پيرن مان اڏايل ’ڳئوڌول‘ لهي ايندي آهي ۽ سڀ منظر ڌنڌلا ٿي ويندا آهن. انهيءَ ڪوونٽ گارڊن جي پڇين چرچ وارن ميدان ۾ عجيب تماشا لڳا پيا هوندا آهن.

۱۹۸۷ع ۾ (مان ۽ رضيه) هفتي ۾ ٻه ٽي چڪر ڪوونٽ گارڊن جا ضرور لڳائيندا هئاسين. ڪڏهن بازيگرن جا ڪمال، ڪڏهن جوڪرن جي مسخري ته ڪڏهن بريڪ ڊانسرز جي سحرانگيز ڊانس.

مان انهن ئي بريڪ ڊانسرن کي اڄ تائين نه وساري سگهيو آهيان، جن ۾ هڪ انگريز ڇوڪرو ۽ ٻيو شيدي. هنن ڊيڪ تي ’سمفوني‘ جي ڪيسٽ آن ڪئي هئي، جنهن جو سڄو پس منظر ٻن دوستن جو ’لينس ڪورٽ‘ ۾ راند ڪندي وڙهي پوڻ هوندو آهي ۽ ان جهيڙي ۾ انگريز، شيديءَ کي گولي هڻي زخمي ڪري وجهندو آهي ۽ جڏهن شيدي رانديگر گولي کائي ڪري پوندو آهي، ته انگريز رانديگر کي پڇتاءَ جو احساس ٿيندو آهي. هو سندس زخمي بيسُرت وجود مٿان جهڪي سندس سيني تي دل مٿان ڪن رکي ڌڙڪو ٻڌندو آهي ۽ پوءِ پنهنجو وات سندس وات تي رکي وڏا وڏا ساهه ڪڍي کيس سرت ۾ آڻيندو آهي.

سنڌن پندرنهن منٽن جو موسيقيءَ تي سلو-موشن ۾ اهو ناٽڪ ايڏو ته خوابناڪ هيو جو مجمي ۾ بيٺل سڀني ماڻهن تي سڪتو طاري ٿي ويو هو. هنن جي بيحد سلو-مُوومينٽ ايڏي ته حقيقي هئي، جو اسان پورا پندرنهن منٽ پنهنجي پيرن هيٺيان ڌرتيءَ جي چڪ جي احساس کي سؤ سيڪڙو وڃائي چڪا هئاسين. هنن جڏهن



بکنگهم پيلس جي چونڪ تي لڳل مجسمي پرسان.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner



نائيٽس برج شاپنگ سينٽر جي دُڪان ۾ رکيل مجسمن آڏو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner



برٽش ميوزيم جي مين گيٽ وٽ رضيه، طارق ۽ هدايت آخوند.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner



رضيه طارق پارليامينٽ آڏو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner



ٽاور برج پرسان پهرين آپريشن کان پوءِ طارق ۽ رضيه.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner



ٽرافلگر اسڪوائر تي ڪبوترن سان ڪچهري.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

۽ ڊرائيور ٻئي دهائي ٽڪيٽ کي آجو ڪندو آهي. ٽڪيٽ جيڪا ڪاغذ جي هوندي آهي هلڪو چرڙاٽ ڪري سوراخ مان ٻاهر نڪري ايندي آهي. مسافر ٽڪيٽ کي وٺي سڌو ٿي پاڻ ڏانهن سٽ ڏيندو آهي ته ٽڪيٽ ڪٽجي سندس هٿ ۾ اچي ويندي آهي. مون کي ياد آهي ته مان جڏهن پهريون ڀيرو بس ۾ چڙهيو هوس ته ڊرائيور واري پاسي کان چڙهڻ بجاءِ ان در مان چڙهي پيو هوم. جيڪو دراصل مسافرن جي لهڻ لاءِ هوندو آهي. ڊرائيور مون کي مٿي چڙهندي ڏسي ڏاڍيون رڙيون ڪيون هيون ته مان اهو لهڻ وارو در آهي. اڳين در مان اچ ۽ پهريان مون کان ٽڪيٽ وٺ. پر مان پنهنجي غلطي کي صحيح ڪرڻ بجاءِ بس جو ڪاريڊور ڪراس ڪري وڃي ڊرائيور کي پنهنجو ڪارڊ ڏيکاريو هوم. ڊرائيور ته ڪارڊ ڏسي ٺاٺ ٿي ويو هو. پر بس ۾ منهنجي بيوقوفي تي مرڪندڙ طنزيہ نگاهون ايڏيون ته تکيون هيون، جو مان وري ڪڏهن به آن غلطي کي دهرائڻ کان توبهہ ڪئي هئي. (دراصل اسان انهن مان آهيون جيڪي نہ ويل غلطي کي صحيح ڪرڻ بجاءِ، صحيح سمجهي پچتاءُ کان بچڻ چاهيندا آهيون، ۽ نتيجي ۾ يا نقصان ڀرائيندا آهيون يا ندامت.)

بس هلڻ شروع ڪيو، ڇهن منٽن ۾ منهنجو بس اسٽاپ اچي ويو. مان ’مئي ڊي هاسپيٽل‘ وٽ لهي پيس ۽ گهر ڏانهن هلڻ لڳس. اوچتو مون گهر وڃڻ جو موڊ بدلائي ڇڏيو. موٽ کائي ’ويسٽ ڪرائيڊن‘ پنڌ ٿي پنڌ هلڻ شروع ڪيم.

قديم چرچ وٽان لنگهي جيئن جيئن اڳتي وڌندو رهيم. مون تي نوان راز کلندا ويا. مون سمجهيو هو ويسٽ ڪرائيڊن جي بازار، ڪا پوري ساري بازار هوندي. پر هت ته رنگ لڳا پيا هئا. خاص طور تي سندس ’هائي اسٽريٽ‘ تہ ڏسڻ وٽان هئي. روڊ جي ٻنهي پاسي هڪ کان هڪ عاليشان سپر اسٽورڪنهن نويلي ڪنوار جي نراڙ تي ڇهٽيل ٻنديا جيان جرڪيو پئي. ڪرسمس ويجهو هئڻ سبب سڄي هاءِ اسٽريٽ مالهن جي رش ۾ ڇماڇم لڳي پئي هئي.


Scanned with CamScanner

واقعي لاجواب آهي پر پيئڻ کان باز نٿو اچي. ان جي ڪري ئي 'آنٽي' هوٽل جي نگهبان ۽ مالڪ ڪيس اڪثر اچي ڏهڙاٽ ٻه ڪڍي ويندي آهي ۽ ڪيس ڪڍي ڇڏڻ جون ڌمڪيون به ڏيندي رهندي آهي. سون واچ ۽ ٽائير ڏٺو ۽ ٻئي کان موڪلائي گهر ڏانهن هلڻ لڳس.

صاحب خان "سورهه" ميراڻي - نئون ديرو
Cell No: 0344 - 3919786

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڏيڻ لڳي. مان اڪارڊين وڄائيندڙ ۽ پنھنجي وچ تي ٻيل ٻينچن ۽ ٽيبلن تي نگاھ وڌي جتي ڪجھ ڪبوتر ٽيبل مٿان وڪريل ڊبل روٽي ڀورن جو چوڳو به ڪري رهيا هئا، ته رڪي رڪي پرن ۽ پڇ کي به سوڌو ٿي لڳا. گھاٽي جھڙ، سنھي ٻوڙنا ٻاندي ۽ ٽيمس جي ڪوراڙ لھرن جي سلوشن ۾ هيٺ مٿي لھرن منجھ. مون کي سڀ ڪجھ خواب وانگر محسوس ٿيڻ لڳو. اهڙو خواب جنھن جي هڪ ڪنڊ ۾ مان به ويٺو هوس.

صاحب خان ”سورھ“ ميراڻي - نئون ديرو
Cell No: 0344 - 3919786

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گھر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پٺي جي ساڄي ٽيل وجود کي ڏسي پڇيم: ”صبح کان رات تائين تنهنجن ڪمن ۾ چاچا شامل آهي؟“ پٺيءَ منهنجي سوال تي اداس لهجي ۾ چيو: ”چا ڪنديڻ پڇي سائين؟“

چيم: ”بس ائين پڇڻ ٿي چاهيم.“ پٺيءَ چيو: ”اهو پڇ ته چا نه ڪرڻو ٿو پئي؟. صبح سان وچي سڄي هوٽل جي فرش کي صاف ڪرڻ، ديگڙن ۽ ھنڊين کي ڌسڻ ته ڪٿي رات جو ڪا اڻ ڌوتل نه رهجي وئي هجي. خالي وقت ۾ سيخون ڌاهڻ، بيراگيري ڪرڻ. ۽ وري رات جو ريسٽورنٽ جي سڄي فرش تي پوچي ڏيڻ کان وٺي هيڏن سارن هنڊن کي باقائدي .ھتي ڌوئي اجرو ڪري پوءِ واپس گهر اچڻ.“

مان سندس ٿڪل مايوس منهن ۾ ڏسي پڇيو: ”ٿڪ به واھ جو ٿيندو هوندو ني؟“ منهنجي ڳالهه تي پٺي اجهائل مرڪ سان مون ڏانهن ڏٺو ۽ ائندي چيو: ”ڪرڻو ته آهي نه سائين، هتي منهنجو پيءُ ته ناهي ويٺو جيڪو ڏيندو.“ پٺي ٿڪل وکون کڻندي پنهنجي ڪمري ڏانهن ويندي چيو: ”خدا حافظ سائين وري سڀاڻي ملنداسين.“

پٺيءَ جي تلهين پاڻ ۾ ڳسندڙ سٽرن ڏانهن ڏسندي مون کي لڳو، چڻ امير جو پار، غلطيءَ سان بيگار ڪئمپ جي حوالي ٿي ويو هجي، غير معينہ مدت تائين.


Scanned with CamScanner

ھٽائيندي آھي، جڏھن تہ مان مڃان ٿو تہ منھنجي معاشري ۾ اھڙن جڳھن تي (شريف) ماڻھن جو وڃڻ تہ ڇا، پر سوچڻ بہ گناھ جي حصي ۾ اچي ٿو. پر مان پاڻ کي ڪڏھن بہ شريف ناھي سمجھيو. مان اھڙا ماڻھو آھيان جنھن کي بہ منھنجي اوگھڙ خراب محسوس ٿيندي ھجي، آھي مھرباني ڪري پنھنجا ڇپر بند ڪري ڇڏي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

اهي گهڙيون جڏهن امتياز لغاري جي آپريشن ڪانپوءِ ڪيس شديد ڪامپلڪيشن ٿي پيو هو. ته ادي ياسمين ۽ خالد کهڙي طرح لنڊن جهڙي مصروف شهر ۾ هم وطنن جي سار لهندا رهيا هئا. اِها سندن ئي همت هئي جو هو هئي لنڊن کان ٻاهر نوڪريون ڪرڻ جي باوجود. ٻنا کو ڏينهن ٿارڻ جي امتياز ۽ سندس اوڙ جي هر گهڙي اهڙي ريت ته دل جوئي ڪندا رهيا هئا، جو اسان کي ڪڏهن به اهو محسوس نه ٿيندو هو ته اسان لنڊن ۾ اڪيلا آهيون يا اسان ڪنهن پرائي ملڪ ۾ آهيون. مان جڏهن به خالد لغاري صاحب سان ملاقات ڪئي آهي ته مون کي زندگي ڏاڍي وڻندڙ لڳي آهي.

شال سدائين ڏيساور، انورهاليپوٽي (جيڪو هاڻ سنڌ موٽي آيو آهي) علي اڪبر ميمڻ، خالد لغاري جهڙن مٺن ماڻهن سان سينگاريل هجي. جن جا ناتا ئي سنڌ سان وڻندڙ لاءِ ڪنهن مضبوط سهاري کان گهٽ ناهن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

’اويس‘ سان واعدو ڪري آيو هوس ته اڄ هن لاءِ ’هوابورن‘ اسٽيشن ٻاهران لنڊن جي مشهور اڪائونٽنگ جي بوڪ شاپ ’پارڪ ڪانر‘ تان سنڌس لکي ڏنل اڪائونٽنگ جو ڪتاب آڻي ڏيندس ۽ دڪان پنجين وڳي تائين بند ٿي ويندو هو. رضا مون کي مجبور روڪي نه سگهيو. ساڍس وڳي ملڻ جو واعدو ڪري ’هولبورن‘ هليو ويس.


Scanned with CamScanner

هن مُرڪي چيو: ”ويري گڊ“.

ڪائنس موڪلائيندي چيم: ”اندرجيت، هيٿرو جي ٽرمينل نمبر ٢ تي توکي سنڌي ڳالهائيندي ڏسي مان ڏاڍو خوش ٿيو آهيان، هاڻ مون کي وري جيڪڏهن ڪا پيسن مٽائڻ جي پريشاني ٿي، ته ڀيهر تو ڏي وٺ ايندس.“

هن کلي چيو: ”يو موسٽ ويلڪم، اينڊ ٽيڪ ڪيئر ببايء.؟“

مان اندرجيت کان موڪلائي هيٿرو جي ڪاريڊور مان ٿيندو انڊرگرائونڊ ڏانهن وڃڻ لڳس.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سوڪ' جي دڙيءَ مان ڏٺل منظر ايڏو تہ حاوي ٿي ٿي ويو هو، جو هر هر آهي ڳلابي نرم هوا جي جهوٽن تي لڏندڙ ڦوڪڻن جهڙا پريل آرهن، اسان جي حواسن کي ڇهڻي ٿي پيا، شايد اهوئي سبب ٿيو جو اوپس واپسيءَ تي رستو وساري ويٺو هو ۽ اسان پورو ڏيڍ ڪلاڪ غلط رستن تي چڪر ڪاٽيندا رهيا هئاسون.

جي باري ۾ معلومات ڏاڍي ڏيان سان ڏسي ۽ پڙهي رهيا هئا. (مونکي پنهنجو ننڍپڻ ياد آهي. هڪ ڀيري مان امان کان پڇيو هو: ”مان ڪيئن ڄائس امان؟“ امڙ مرڪي چيو: ”ابا، الله توکي آسمان مان اڇلايو، مان توکي جهوليءَ ۾ جهٽي ورتو.“ امڙ جي جواب کان پوءِ مان وڌيڪ پريشان ٿي ويو هوس ته آخر انسان هن ڪائنات ۾ اچي ڪيئن ٿو....؟

●

رات ’ايسٽ فنچلي رضا پٽني وٽ هليو ويس. هن ٻڌايو ته ڪيس وڏي جاکوڙ کان پوءِ سنڌس يونيورسٽيءَ پرسان ’انٽرنيشنل هال‘ ۾ ڪمرو ملي ويو آهي ۽ سڀاڻي صبح جو هو اوڏانهن شفٽ ٿي ويندو. کانئس پڇيم: ”پوءِ هي ايڏو سامان ٽيوب ۾ ڪيئن کڻندا سين؟“ ٽهڪ ڏيئي کلي چيائين: ”منهنجو پروفيسر مسٽر مارٽن لاجواب ماڻهو آهي. ايئرپورٽ تان هو مون کي وٺڻ آيو هو. منهنجيون ڳريون بئگون پاڻ کڻون هئائين. هي ڪمرو به هن وٺي ڏنو آهي ۽ هي جيڪي بلينڪٽ ۽ ٽيپ رڪارڊر وغيره ڏسين ٿو، اهي سڀ به هن ئي مون کي ڏنا آهن. سڀاڻي به نائين وڳي تائين پنهنجي ڪار ۾ اچي پاڻ کي هاسٽل تائين ڇڏي ويندو.

صبح جو پوري نائين وڳي ’مارٽن‘ آيو. چاليهن سالن جو قدآور شخص. هن اسان سان هيلو هاءِ ڪئي ۽ بند ٿيل ڳرين بئگن ۾ هٿ وجهي ڏاڪڻيون لهڻ لڳو. اسان فقط ننڍڙا ڪارٽون ۽ ڪتابن جا بنڊل کڻي فرض ادائي ڪئي. هن شريف ماڻهوءَ اسان کي پنهنجي ڪار ۾ ايسٽ فنچلي کان سينٽرل لنڊن انٽرنيشنل هال جي ان ڪمري تائين ڳرين بئگن سميت رسايو، ۽ بنا چانهه پيئڻ جي مرڪي هٿ ملائي ٻئي ڏينهن ملڻ جو واعدو ڪري هليو ويو. مون کي سندس اهڙي حيرت انگيز رويي تي پنهنجا پروفيسر ياد اچي ويا جيڪي پنهنجي پي - ايڇ - ڊي جي شاگردن کان (بار) ڍورائيندا آهن.

”شراب منهنجي اڪيلائين، مايوسين ۽ ڏکن جو ساٿي آهي. هيءُ ٿي ته منهنجي وطن جي دوريءَ جي احساس کي گهٽائيندو آهي. باقي مسلمان مان ڪالهه کان نه، ڇائي ڄم کان آهيان. پنهنجن ابن ڏاڏن کان وٺي آهيان. ان ڪري مون تي ڪفر جو الزام هڻڻ وارا غلط هوندا.“ پٽي اٿي پنهنجي ڪمري ڏانهن وڃڻ لڳو ته ڪيس سڏي چيم: ”پٽي صاحب، ڄام صاحب به منهنجي لنڊن ۾ گهاريل مايوسين، ڏکن ۽ تنهاين جو ساٿي رهيو آهي. ان ڪري مان ان جو ڪالهه به ٿورائتو هيس ۽ اڄ به آهيان. باقي قوم پرست مان ڪالهه کان ڪونه ٿيو آهيان، ڄائي ڄم کان آهيان. پنهنجن ابن ڏاڏن کان وٺي آهيان. ان ڪري مون تي ڪفر جو الزام هڻڻ وارا غلط هوندا.“

پٽي ڪنڌ ڌوڻي زور سان چيو: ”ها ها، تون صحيح آهين. تون صحيح آهين. تون صحيح آهين.“ ۽ لڏندو لمندو منهنجي ڪمري جي در مان نڪري پنهنجي ڪمري ڏانهن هليو ويو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پروگرام اهو ٺهيو ته سڀاڻي صبح جو مان پنهنجو سامان کڻي رضا وٽ انٽرنيشنل هاسٽل اچي وڃان، آخري رات رضا وٽ گذاري ٻي ڏينهن سنڌ هليو وڃان.

رات جو گهر اچي ايوب ڀٽي ۽ اويس کي ٻڌايم، ته هنن احتجاج ڪيو ۽ مون کي سمجهائڻ لڳا: ”هيڏو سامان کڻي ڪاڏي رلندو وتندين؟ چپ ڪري هتي رهو پيو هيج. ٻئي ڏينهن اسان تو کي ڪار ۾ کڻي عزت احترام سان ايئرپورٽ تي ڇڏي اينداسين.“ پر منهنجو اهو ساڳيو ضد ته مان رضا سان واعدو ڪيو آهي ان ڪري آخري رات وٽس رهندس.

آخر پروگرام اهو ٺهيو ته اويس سڀاڻي مون کي پنهنجي ڪار ۾ رضا وٽ انٽرنيشنل هاسٽل ڇڏي ايندو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ميس ۾ وٺي هليو جتي ڪائڻ جون ڊوريون لڳيون پيون هونديون آهن. هن ميس جي ماني ڪائي، رضا کان ايسٽ فنچلي واري ’مجو آپا‘ جو تندوري ريسٽورنٽ وسري ويو هو.

اسان مختلف ڀاڄين، ٻوڙن، فروٽ، سوپ، سلاد، ڪير، مکڻ سان پنهنجيون ٿريون ڀريون اچي ٽيبلن تي ويٺاسين ۽ وسيع هال ۾ ويٺل ڇوڪرن کان وڌيڪ پوپٽ رنگي ڇوڪرين کي ڏسي پيٽ سان گڏ اکين کي به ڍؤ ڪرائڻ لڳاسين.

ڪچهري هلندي اعجاز صاحب رهڻ جي مسئلي واري ڳالهه ڪئي. ڪيس ارلس ڪورٽ جي ’فلورا هوٽل‘ ۾ رهڻ جي صلاح ڏنم. اعجاز صاحب هوٽل جي سهولتن جي باري ۾ پڇيو ۽ پوءِ هڪ رات رهڻ جو راضپو ڏيکاريو ڇو ته، ڪيس لنڊن شهر ۾ رهڻوئي هڪ رات هيو.

ماني کائڻ کان پوءِ اعجاز صاحب وارا موڪلائي هليا ويا. نوين ٿائين رضا سان ڪچهري ڪرڻ کانپوءِ پنهنجو سامان رضا وٽ ڇڏي ڪمري مان نڪري لفٽ ڏانهن وڌڻ لڳس.


Scanned with CamScanner

۾ تلوار جي مٺي تي هٿ رکي، هٿ ۽ وڏائيءَ سان نهاريندڙ چارلس نيپيئرجو اهو ڪار سُنهون وجود ياد اچي ويو هو. مون کي ائين محسوس ٿيو ڄڻ هُن مون کي فتح ڪرڻ ٿي چاهيو.

”پوءِ ڇا خيال اٿئي؟“ هن پنهنجا ’نيچرل لپ اسٽڪ‘ لڳل گلابي چپ چوري پڇيو:

جيمز: ”ففٽي پائونڊ تمام گهٽا آهن.“

”ڇا مطلب گهٽا آهن؟“ هن سرد آواز ۾ پڇيو.

جيمز: ”ففٽي پائونڊ تو کي ڏيڻ بجاءِ، انهن ففٽي پائونڊن مان پنهنجي ٻن سالن جي ٻچڙي لاءِ ’مدرڪيئر‘ تان ڪو بهترين گفٽ ڇو نه وٺان؟“

منهنجي ڳالهه ٻڌي هن کي چوچڙي لڳي وئي، چڙ مان چيائين: ”پوءِ هن وقت هتي ڊوڙ پائڻ لاءِ ٻيو آهين ڇا؟“

اوچتو منهنجو بلڊپريشر هاءِ ٿي ويو. رڙ ڪري چيومانس: ”ڊوڙ پايان يا ڇائي ان ۾ تنهنجو ڇا_؟“

منهنجي زور سان ڳالهائڻ تي هن هلڪو ڇرڪ ڀري هيڏانهن هوڏانهن لغوڙا هنيا ۽ نڪيون وکون کڻي غائب ٿي وئي. واچ ۾ ڏائيم ڏٺم. رات جا ٻوڙا ٿي ٿي رهيا هئا. گرل تان لهڪ هڻائي هلڪي برسات ۽ نارنگي اسٽريٽ لائيٽس ۾ ارلس ڪورٽ جي گهيرڻ منجهه پيل فوٽ تان هوٽل ڏانهن هلڻ لڳس.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

نيو فيلڊس جا نوان ايندڙ ڪتاب

## سنڌو منهنجي ساهہ ۾

مصنف: امر جليل

## آڇو پڪي واٽ ۾

هن ڪتاب ۾ حفيظ شيخ جي ڇپيل ۽ اڻ ڇپيل ڪهاڻين ڪان سواءِ، حفيظ شيخ جا دوستن ڏانهن لکيل خط، سنڌس اڻ پوري آتم ڪٿا جا باب، ۽ مٿس لکيل همعصر ليکڪن جا خاڪا، اوسارا ۽ مضمون شامل هوندا. مرتب: نصير مرزا.

## رهجي ويل منظر (ناول)

مصنف: طارق عالم ابڙو

## رد ڪيل ڪهاڻيون

مصنف: امر جليل

## پسي ڳاڙها گل

مصنف: رسول بخش پليجو

## صبح (ناول)

مصنف: طارق عالم ابڙو

## منهنجو وطن، منهنجا ماڻهو

مصنف: لوڪرام ڏوڏيجا

---

نيو فيلڊس جو تازو شايع ٿيل ڪتاب

## ڪوٽ لکپت جو قيدي

سنڌ جي چوٽيءَ جي ڏاهي سياستدان ۽ مهان اديب رسول بخش پليجي جي لاهور جي بدنام جيل ۾ گهاريل ستن سالن جي قيد جا ڪڙا مٺا داستان. هي ڪتاب نہ صرف عام پڙهندڙ پسند ڪيو آهي. بلڪ اديبن، سياسي ڪارڪن ۽ سياستدانن پڻ هن کي گهڻو پسند ڪيو آهي. خوبصورت ۳۴ تصويرن سان سينگاريل. ڪل صفحا ۳۵۴-ڊائيٽل تي پليجي صاحب جي خوبصورت تصوير. ڪتاب هن وقت ٿوري تعداد ۾ بچيل آهي. پنهنجو آرڊر جلد موڪليندا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

١٤٥. ڪوٽ لکپت جو قيدي    رسول بخش پليجو    -/١٠٠
١٤٦. لنڊن تنهنجا ڪيڏا روپ (سفرنامو) طارق عالم ابڙو    -/٨٠

ڇپرائڻ لاءِ لکندا: نيو فيلڊس پبليڪيشنس
ڏنڊو ولي محمد، حيدرآباد سنڌ.

www.sindhsalamat.com    books.sindhsalamat.com    Scanned with CamScanner

# سنڌ سلامت

**www.sindhsalamat.com**

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سندس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو ته تاريخ هميشه انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نه رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.

اسان جي خواهش هئي ته سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آساني سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.

۽ اهو سڀ ”سنڌ سلامت ڪتاب گهر“ ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد ته سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نه صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو پورو ساٿ نڀائيندا.

books.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book